# * سچٽن جو سفر *

مرتب: عبدالله اثر

# سڄڻ جو سفر

بر وفات معدن فيوض رباني، مطلع انوار سبحاني
ولي والا شان حضرت عبدالله جان المعروف به
حضرت شاه آغا سرهندي مجددي فاروقي قدس سره

مرتب:-
عبدالله اثر

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ :- | عبدالله اڙر |
| ڇپيندڙ :- | انصاف پريس لاڙڪاڻه - |
| ڇاپو :- | پهريون - |
| عدد :- | هڪ هزار - |
| سال :- | نومبر ١٩٧٦ع - |

ملڻ جو هنڌ

١- گازار خليل - تعلقه سامارو ضلع ٿرپارڪر.
٢- دفتر بزم سچل، قائم شاهه بخاري روڊ
لاڙڪاڻه.

# شڪريه

فخر الاولياء حضرت شاهه آغا سرهندي مجددي قدس سره جي مخلص مريد الحاج ڊاڪٽر طفيل احمد صديقي جو دل جي گهراين ۾ لطيف جذبن سان شڪر گذار آهيان، جنهن صاحب هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ خرچ جو سمورو بار برداشت ڪيو - شال الله پاڪ کيس جزاءِ خير ڏئي -

عبدالله اثر

سيئي جو ڀين ڏياهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رئان، رهن نہ سپرين، آئل ڪريان ڪيئن،
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو وهري.
"شاهه"

# * پيش لفظ *

حمد ۽ صلوٰة بعدگذارش آهي ته ڪجهه وقت اڳ، فخرالاولياء خواجه عبدالله جان المعروف به حضرت شاه آغا سرهندي قدس سره جي فراق ۾ منهن جــو لکيل مرثيه ۽ تاريخي قطعات ”ناله فراق“ جي عنوان سان شايع ٿيا آهن. هن دفعه ساڳي موضوع تي حضرت خليل سرهندي، حاجي علي بخش جمالي، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، حافظ محمد احسن چنا، حافظ خير محمد اوحدي صاحبان جا اشعار ۽ منهن جو اردو نظم اهل ذوق حضرات جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو.

اصول موجب ڪلام ۾ متڪلم جو جلــوو هوندو آهي ۽ ڪنهن جي ڪلام کي ڏسڻ گويا متڪلم کي ڏسڻ جي برابر آهي جو ته ان سان متڪلم جي طبيعت جو انداز ۽ رنگ بخوبي معلوم ٿي ويندو آهي. ان ڪري هن ڪتاب ۾ ڏنل شعرن تي تبصره جي رسم کي ترڪ ڪري، حضرت قدس سره جن جون چند ڳالهيون سندن لفظن ۾ عرض ڪيان ٿو، جيئن پڙهندڙن کي سندن ديدار جو شرف به حاصل ٿي وڃي.

حضرت قدس سره جن فاروقي خاندان جا روشن چراغ هئا ۽ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي فاروقي رحمة الله عليه جي ٻارهين پشت ۾ پيدا ٿيا. ديني علوم ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ سان گڏ طريقت ۾ به اعليٰ درجو حاصل ڪيائون. علم طب ۾ به کين ڪافي دسترس هئي. هنن جي والد تاج الاولياء

خواجه محمد حسن جان مجددي قدس سره جي وصال کان پوء ٿنڌي سائينداد ۾ رشد و ارشاد جي مسند تي ويهي توحيد باري تعاليٰ ۽ عشق رسول الله صلي الله عليه وسلم جي تبليغ ڪيائون ۽ هن حقيقت کي دهرايائون ته حضرت امام رباني رحمة الله عليه جو پيغام تمام مسلمانن ۽ اسلامي متصوفين کي اهو آهي ته پاڻ کي فلاطون ۽ ان جي هم خيالن کان بچائو ۽ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي طرف رجوع ڪيو.

روحاني پيشوا جي حيثيت سان وحدت الشهود جي مشرب ۽ نقشبندي طريقي کي فروغ ڏنائون. شريعت ۽ طريقت تي سختي سان پابند رهيا. ڪين ڪابه دنيوي خواهش ۽ لالچ پاڻ ڏانهن متوجه ڪري نه سگهي:

لاهـوتي لطيف چئي، سڏ نـه ڪئن ساڻ،
اي آديسين اهڃاڻ، جنن تعلق ڇڏيائون تڪيا.

"شاه"

مريدن ۽ معتقدن جي تزڪيه نفس، تصفيه قلب ۽ ذڪر الاهي لاء هر وقت توجه ڏيندا هئا. سندن زندگي قال الله ۽ قال الرسول جو نمونو هئي. ياد خدا ۾ مشغول رهڻ سندن شعار هو. واقعي اهل شريعت جنهن کي تڪاليف شرعيه چوندا آهن، اهل الله ان کي ذوق ۽ شوق سان ادا ڪندا آهن.

حضرت قدس سره جي تبليغ ۽ تلقين جو طريقو ته دلڪش ۽ لاجواب هو.

اهل سنڌ جي رعايت ڪري سنڌي ۾ لکڻ کي اهميت ڏيئي فرمائيندا هئا ۽ روحاني يا جسماني مريضن کي سنڌن طبع موجب علاج ڏيندا هوا. جنهن جو هڪ واقعو پيش ڪجي ٿو.

هڪ ڀيري هڪ نيڪ بخت عابد ۽ زاهد سردار احمد قصوريءَ کين لکيو ته آئون روزانو ٻارهن ڀيرا ياسين شريف، ٻارهن ڀيرا مزمل شريف، هزار ڀيرا درود شريف ۽ ٻيا به وظيفا پڙهندو آهيان. هاڻي اوهان به ڪو وظيفو ڏسيو ۽ اجازت ڏيو.

کيس جواب ۾ لکيائون ته ”آئون زياده ڪو وظيفو نه ڏسيندس بلڪ انهن وظيفن ۾ به اوهان جي بيماري ۽ پيرسني جي پيش نظر تخفيف ڪرڻ گهران ٿو. فقط هڪ دفعو سورة ياسين، هڪ دفعو سورة مزمل ۽ هڪ سو دفعو درود شريف وغيره پڙهو. بس اهو اوهان لاءِ ڪافي آهي.“ ان جو دليل به حديثن شريفن مان لکي موڪليائون ۽ وڏيڪ تحرير فرمايائون ته ”اهو حڪيم نادان آهي جو بيمار جي حال موافق دوا ۾ ڪمي بيشي نه رکي.“

ٿورن ڏينهن بعد قصوري صاحب وٽن شيخ ماڻهو ۾ زيارت لاءِ آيو ۽ حضرت قدس سره کي اڪيلائيءَ ۾ عرض ڪيائين ته اوهان جي جواب تي مون کي پريشاني ٿي ۽ پنهن جي ڪم نصيبي تي افسوس ڪيم. رات جو خواب ۾ ڏٺم ته هڪ مجمع ۾ هڪڙو سفيد

ريش نوراني صورت وارو آهي جو مون کي سجائڻ ۾ نہ آيو. آئون ۾ دست بوسي ڪري ويٺس. ان بعد هن بزرگ مون کي مخاطب ٿي چيو تہ "توکي جيڪي منهن جي محبوب فرزند مائده وارہ چيو آهي، صحيح چيو اٿس، تون انهي تي عمل ڪر." تڏهن مون سمجهيو تہ اهو بزرگ حضرت امام رباني قدس سرہ آهي.

حضرت قدس سرہ جن مون ڏانهن موڪليل مڪتوب ۾ ان خواب تي هن بيت سان خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي:

غلامم خويشتنم خواند لالہ رخسارے
سياہ روئي، من ڪرد عاقبت ڪارے (۱)

وڌيڪ تحرير فرمايو اٿن تہ "آئون اهڙن خوابن تي خيال ڪونہ ڪندو آهيان ۽ چوندو آهيان تہ اها خوابن ۽ خيالن جي پل-سل آهي، مگر ڪجهہ خوشيءَ جي ڪري اظهار ان جو هن وارہ خط ۾ ڪيو اٿم." (۲)

فخرالاولياء حضرت شاہ آغا قدس سرہ جن وحدة الوجود جي مسلڪ تي هڪ مضمون لکيو هو، ان بعد مٿن ڪيفيت طاري ٿي جنهن جو احوال حضرت مولانا غلام رسول عباسي قدس سرہ کي هن ريت رقم فرمايو اٿن:

---

(۱) مون کي لالہ رخسار يعني محبوب پنهن جو غلام سڏيو آهي، آخر منهن جي چهرہ جي ڪارنهن وجي ڪم ڪيو يعني مقبول ٿي.

(۲) مڪتوب شيخ مائده، ۱۶- جمادي الاولي ۱۳۸۸ھ

”ٽيهين رات ٢٥ رمضان شريف جي خواب ۾ شيخ محي الدين بن العربي جي ملاقات حاصل ٿي ۽ ڪنهن مسئلي تي ساڻن گهڻو بحث ڪيو ويو. بيدار ٿيڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي گستاخي ۽ بي ادبي ڪرڻ جو ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇا آئون ۽ ڇا شيخ محي الدين بن العربي. مگر ڇا ڪجي ننڊ ۾ ماڻهو بيوس آهي ۽ نائم، مجنون وانگي مرفوع القلم آهي. بهرحال سندس مشرب توحيد وجودي جو مون تي اثر ٿيو ۽ آثار سڪر ۽ بي خودي جا پاڻ ۾ محسوس ڪريان ٿو.“ (١)

پاڻ جهاد کي به نهايت اهميت جي نگاه سان ڏسندا هوا. مون ڏانهن هڪ مڪتوب ۾ رقم طراز آهن ته ”هن وقت اسين جهاد جي تربيت ۽ دشمنن جي دفاع لاءِ انتظام ۾ سخت مصروف آهيون. پنهنجي عزيزن، اولاد و اطفال کي جهاد ڪرڻ لاءِ ترغيب ۽ تربيت ڏئي رهيا آهيون ۽ فتوائون ۽ تحريرون لکي شايع ڪري رهيا آهيون. مريدن ۽ مولوي صاحبن کي چئي رهيا آهيون ته هن وقت اوهين خانقاهن ۽ مدرسن کان نڪري بندوق ڪلهي تي رکي اچو. ٻيا سڀ ڪم ڇڏي هن ڪم ڏانهن متوجه ٿيو.“ (٢)

لاڙڪاڻي طرف آخري گشت جي دوران ٻيڙي چانڊڪي ۾ منهنجي خسخانه تي به تشريف فرما ٿيا. ديني

---

(١) مڪتوب ٽنڊو سائينداد، ١- شوال ١٣٨٦ھ

(٢) مڪتوب ٢٠ شوال ١٣٩١ھ

مسئلا بيان ڪندي ڪجهه وقت خاموش ٿي مرحوم غالب جو هي شعر پڙهيائون:

تو ايڪ شيفته شاعران پيشيني
مباش منڪر غالب ڪه در زمانه تست (١)

۽ پوءِ فرمايائون ته مان تو سان هڪ راز بيان ڪيان ٿو ۽ اهو شعر هن ريت پڙهان ٿو:

تو ايڪ شيفته اولياء پيشيني
مباش منڪر **آغا** ڪه در زمانه تست (٢)

۽ اهو بالڪل سچ ٿو چوان. مان موقعه جو فائدو وٺي عرض ڪيو ته منهن جي لاءِ دعا ۽ انهيءَ حال ۽ ڪيفيت سان گهرڻ فرمايو. جنهن بعد دعا گهريائون.

حضرت قدس سره جن ٻڙي چانديءَ کان لاڙڪاڻي تائين وحدة الوجود ۽ وحدة الشهود جو ذڪر ڪندا رهيا. منزل تي پهچي رئيس عبدالعزيز ڏوڪري واري کي چيائون ته "مان اڄ صاحب اثر سان هڪ راز ظاهر ڪيو آهي." جو گهڻي اصرار بعد اهل مجلس کي ٻڌايائون. پروگرام موجب اهو سفر پورو ڪري درگاه شريف تي وڃي پهتا ۽

(١) تون ته اڳين شاعرن تي عاشق آهين، مگر ڪڏهن ۽ پنهن جي زماني جي شاعر مرزا غالب جو منڪر نه ٿجاءِ.

(٢) تون جو اڳين اوليائن لاءِ مدهوش آهين، مگر ڪڏهن ۽ پنهن جي زماني جي ولي والا شان شاه آغا جو انڪار نه ڪجانءِ. آغا جو لفظ تخلص طور ڪم آندو اٿن.

آخرت جي سفر جي تياري ۾ مشغول ٿيا. حضرت قدس سره پنهنجو منصبي فرض، حسن و خوبي سان انجام ڏيئي، مالڪ حقيقي جي رحمت ۽ مغفرت واري بارگاه ۾ ابدي عزت ۽ شرف سان وڃي باریاب ٿيا ۽ پنهنجي دائمي آرامگاه جنت الفردوس ڏانهن رحلت فرمائي ويا. هن جدائي جي صدمي هزارن عزيزن، مريدن معتقدن جون دليون گهائي وڌيون ۽ ڳلن تي ڳوڙهن جون بوندون وڏ ڦڙي وانگر وسڻ لڳيون. سڀن جي حالت هن بيت جي مصداق ٿي وئي:

جهڄان پسيو جهوڪ آيل سنگهارن جي،
جن ٿي ٻي پياريا، منجهان مٿن موڪ،
لڏي وڃان لوڪ، اتي ويا اڪري.

"شاه"

سندن ڪمالات جو بيان حيطه بيان کان ٻاهر آهي، هن ڪتاب ۾ ڏنل ٿورا اشعار صرف محبت ۽ عقيدت جي اظهار ۾ چيا ويا آهن. شال الله پاڪ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان سندن روحاني فيضان، تعلق مع الله ۽ نسبت مع الله جي برڪت سان حق جي طالبن کي زندگي ۾ ڪامياب رهڻ ۽ شريعت موجب عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دارين ۾ سرخرو ڪري. (آمين)

حضرت قدس سره جن جو لب و لهجو اڄ تائين ڪنن ۾ محفوظ آهي. سندن تعليم، اتباع شريعت ۽

سنت جو طريقو اکين آڏو آهي. مقبره شريف تي اڄ به دردمند اهل عقيدت جا هجوم نظر ايندا آهن ۽ ننهن جي فيض جو حصو حاصل ڪندا رهندا آهن. سندن جانشين جو توجه اڄ به اخلاق ۽ تعليم شرعي جو ڪم سر انجام ڏئي رهيو آهي.

کارفرما ہے ابھی تک جذبۂ پیرِ مغاں
مستیٔ رندان وہی ہے گھر میں محفل وہی

آخر ۾ آءٌ مولانا حڪيم سيد محمد مظهر سلطان بخاري جو شڪر گذار آهيان جنهن صاحب ڪتاب جي ڇپائي تي توجه ڏنو ۽ پروفن ڏسڻ جي تڪليف ورتي.

ان بعد هن ڪتاب مطالع ڪندڙ بزرگن کي دعا لاءِ استدعا ڪيان ٿو.

هر که خواند دعا طمع دارم
زانکه من بندهٔ گنهگارم

دعا طلب

**العبد عبدالله اثر چانڊيو**

پوسٽ پيرو چانڊيو - لاڙڪاڻو

# هو

## مرد منزل کي رسيو

از جناب فضيلت ماب حضرت مولانا پير محمد ابراهيم جان خليل سرهندي مدظله.

حضرت قبله شاه آغا صاحب رحمة الله عليه (عبدالله المجددي) و قد توفي بمورخة الثالث من ربيع الاول يوم احد ساعة اربع وقت السحور بمستشفي جام شورو حيدرآباد سنة الف و ثلاث مائة و ثلاث و تسعين (١٣٩٣) هجري و دفن مع ابيه و جده بقبة بيضاء (المقبرة الشريفة) جبل كنجه.

★★★★★★

**هاء وڇڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**
**حال هي هڻون هيين جو ڪنهن کي ڏيکاريون هلي**

( ١ )

اشڪ آلوديون اکيون ٿيون، نار نيڻن ويا وهي
دل ڦقڙ جيرا ٻڪيون، سپ ڳاهه ۾ جيئن ويا ڳهي
روح ۾ راحت جي ڪا، هڪڙي رتي ناهي رهي
سور فرقت جا سيئي، هاڻ ڏکيئن سگهندس سهي

**ڪيئن ڏهي ء دل ساڻ جيئندس، جا جدائي ۾ جلي**
**هاء وڇڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

( ٢ )

معرفت ۾ هو ميسٽر، توکي هڪ اعليٰ مقام
وٽ ولايت جي وليٺن، ٿي ڪمي توکان ٿي وام (١)
تو ڏنيون ٿي ڏيهه کي ڏاتيون، هو تنهنجو فيض عام
معرفت جي مئي سندا جڳ کي پياريئي جام جام

**ٿيو سو مالا مال جنهن پي تو اڳيان جهولي جهلي**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

( ٣ )

معرفت جو شاهه اڄ ماڻي شهادت ٿيو شهيد
معرفت ڪافي هئي، موليٰ ڏنو فضل مزيد
آهي شايد وڏ ولايت کان به ٿيو شان شهيد
خون ڏئي جنت ڪيائين خاص پنهنجي لئه خريد

**پاريائين پرت سان اي سنت ابن علي**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

( ٤ )

هن زماني ۾ نه پيو هو زاهد ۽ پرهيزگار
مٽ سندس، سنسار سارو مر نه پيو چاڻ ۽ بهار
ترڪ جنهن ڪيون لذتون، دنيا جون ساري سڀ چمار
عيش ڪي اوڏو نه ويو جوانيءَ ۾ پڻ سو جيءَ جيار

**هن دنيا کان پاڪ هئدي، پنهنجي ڪنهن پر دل پلي**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

---

(١) قرض

( ٥ )

هن دنيا جي هر خوشي، ان جي نظر ۾ خاڪ هئي
آخرت جي غم ۾ ان جي، اک سدا نمناڪ هئي
اک اها جا ڪنهن به آلائش کان پڙري پاڪ هئي
هان مگر حق جي نظاري جي سدا هيراڪ هئي
**نورِ حق سان ٿي هميشه کان رهي ٿي منجلي(١)**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

( ٦ )

پاڪ حق جو جنهن حقيقي حسن هر دم پي پسيو
نور حق جو، جنهن تي دائم وڏ ڦڙو ٿيو پي وسيو
سو مجازيءَ جو ڀلا ڇو تن کي پنهنجي ڏئي تسيو
رهگذر ۾ ڇو رهي، جو مرد منزل کي رسيو
**محب ماڻڻ بعد ڇو ٿئي ڇور کي چالون چلي**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

( ٧ )

ورع ۽ تقويٰ ۾ ان جو ڪو نه هو مٽ ۽ مثال
ڪنهن نه ڪيو پرهيزگاريءَ ۾ ڪتي ايڏو ڪمال
ڪو ذرو شڪ ٿيو ته ان شي کي نه سمجهائين حلال
ڪو نه ان جي لئه هنيون هر ڪيو سندس منجهه ڪنهن به حال
**اِيءَ حقيقت چاڻ سچ، جا آهي مون تو سان سلي**
**هاء وڃڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي**

---

(١) روشن

( ٨ )

آسمانِ علم جو حضرت هو هڪ مهرِ منير
دورِ حاضر ۾ هو رازيءَ جو غزاليءَ جو نظير
هي گواهي عالمن جو ڏيندو هڪ جمِ غفير (١)
علم جي دولت ڏنيس، بيحد گهڻي قادر قدير

**اڻ مٽي اي موهبت هئي، ڪيس مالڪ موڪلي**
**هاءِ وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي**

( ٩ )

علم جي هر فن ۾ حاصل ڪيائين جو ڪمال
تنهن ۾ ڪو ڪر ڪور (٢) ٿي سگهندو ڪري ڪا قيل قال
هئي عجب جهڙي سندس علمن جي عظمت ۽ جلال
جلوه گر هئي جڳ ۾ ان جي علم جي جوت ۽ جمال

**ان جي عظمت ۽ علو کان، ڪو عدو سگهندو الي**
**هاءِ وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي**

( ١٠ )

علمِ حڪمت ۾ هو اڪبر جو ۽ اعظم (٣) جو مثيل
بوعلي سينا جو هو هن عهدِ حاضر ۾ عديل (٤)
طب ۾ همسر سندس ڪو هوندو عالم ۾ قليل
ٿي شفا حاصل انهيءَ کي جو وٽس آيو عليل

**سر انهيءَ جي تان سڀي آفت علالت جي ٽلي**
**هاءِ وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي**

---

(١) وڏي جماعت (٢) ٻوڙو انڌو (٣) حڪيم محمد اڪبر ارزاني ۽ حڪيم محمد اعظم خان (٤) مٽ مثال

( ١١ )

عشق لئہ الله جي، ڪئي وقف تو پنهنجي چمار
نينهن تي ان جي ڪئي تو زندگي پنهنجي نثار
فضل تنهنجي ذات جا ٿيا، بي عدد اڻ ڳڻ اپار
پڻ ڪماليت جو تنهن جو بحر ناپيدا ڪنار

ختم تنهنجي ذات تي ٿي، افضلي ۽ اڪملي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

( ١٢ )

وات حق جي تو سدا، پنهنجن پراون کي ڏمي
جن ميڃيو سي سوجهري ۾ ٿي ويا منزل رسي
دين دنيا تن کي پرور ٿئي ڏنا پنهنجو پسي
جن ڪئي نہ - تن کان رب رحمت سندي نعمت کسي

رات اونداهي ۽ اوجهڙ ۾ رلي تن جي رلي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

( ١٣ )

جن ميڃيو، سي همرقرين منزل مقصود ٿيا
جن ڪيو انڪار، سي منحوس ٿيا مردود ٿيا
ڪنهن چتي چسڪي تي هٿ، تو ٿي جو خر خوشنود ٿيا
دين دنيا ٿئي وڃائي، نحس سي نابود ٿيا

ڳنڍ ۽ گوهر سندي ڇورن ڪئي سر تي ڇلي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

( ١٤ )

لائقن نالائقن سان، تو سدا لائق ڪيو
تنهنجو بحر، خلق، ناڪس جي متان پڻ تي نيو
اڳلن ايرن تي پڻ، احسان ڪيئي تي اڻ ميو
لطف جي ڏاڍي ۾ لوڪن کي سدا تو تي ڪيو (١)
قرب تنهنجي جي ڪندي، ڪل کي اڳل هئي منجهه ڪلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنت جو ڪامل ولي

( ١٥ )

ڳالهين هلندي ۾ تنهنجي فيض جي ڀالوت هئي
فيض سڀ ڪنهن تي ٿي پلٽيئي ڪانه تو وٽ ڪوٽ هئي
ڪوٽ هئي سا طالبن جي ئي طلب جي ڪوٽ هئي
عاجزن ايرن کي تنهنجو ئي اجهو ۽ اوٽ هئي
تنهنجي در کان وٽ ڪٽي، ٻي هوندي پريتي پلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنت جو ڪامل ولي

( ١٦ )

معرفت جي نور سان تو لک ڪيا روشن ضمير
ڪيتروئي ڪم اچا پر هو رهيل اي پرس پير
لک دليون آهن رهيل ڪوريون ۽ ڪاريون جهڙو نير
تن کي تون ئي ڪر ڪرين ها، نور پنهنجي سان منير
وقت ڪم جي ڪيئن روا، تو ڇانئي پنهنجي معطلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنت جو ڪامل ولي

---

(١) ٻڏو

( ١٧ )

ويس بدليو گهر متيو پر تون سدا هوندين حيات
ڪار گاهہ دهر ۾ تنهن جو سدا آهي ثبات
گهير پنهن جي فيض سان فياض تون هر شش سمات
ڏي ۽ ڏي ڏيهن کي اڄ پڻ ڏان ڏاتيون ڏينهن رات

ڪر دليون خالي اسانجون نور حق سان ممتلي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي

( ١٨ )

موت مردن تي نہ آهي، مر مرن مردود ڪي
تون حيات آهين ڏسڻ وارو تہ توکي پيو ڏسي
سيڪڙو ابناسبين تو در، ڏان اي ڏاتار ڏي
وڏ ڦڙو تي وس، اچي پياسين اسين تنهنجي اجهي

تنهنجو در داتا ڇڏي بي ڳوليون ڪهڙي ڳلي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي

[ ١٩ ]

ملڪ جا ماڻهو سڀئي محزون ٿيا مهجور ٿيا
رات ڏينهان روڄ راڙي ۾ گهڻو رنجور ٿيا
ڏسڪندا ڏک کان رهن ٿا جيڪي توکان ڏور ٿيا
سک سين جا ويا، اچي سيني کي سامهون سور ٿيا

ڪيئن ڇڏيئي هن حزن ۾، ساري جماعت هيڪلي
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل ولي

( ٢٠ )

موت منهن ڏيکار اي ماما نہ مهجورن کي مار
لهہ اچي لائق ڪري سڪندن سندي سار ۽ سنڀار
جي نہ هت هاڻي رهڻ چاهين تہ سلري سپ چمار
اي پلارا تہ بہ پلا ڪا هڪ گهڙي اچ هت گذار
گهت ٿين گوندرو گهٽان جي پائين ڪا جهاتي ٿلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

( ٢١ )

نعمتون فردوس جون تاڙي انهن ڏي تاڻيئي
ترت ات پهچي مزا موجون اتي جون ماڻيئي
واڻ الفت ساڻ وچڙين جون دليون جي واڻيئي
تن ڏنا ڏک ڏنجهہ جي ڏاڦ سان پنهن جي ڏاڻيئي (١)
ناس سي ٿيا جن لڳل هئي نيهن جي منجهہ دل ٿلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

( ٢٢ )

هڪڙي لحظي ۾ لڏي وئين ڪونہ سڪندن کي سڏيئي
اوچتو ئي اوچتو جنت ۾ گهر پنهنجو اڏيئي
گوندرن ۾ پنهنجي پوين کي هميشہ لئہ ڪڏيئي
چو نہ روئيندا امي چورو ڪري جن کي ڇڏيئي
منجهہ جدائي جسم ۽ جند جان جن جي وڃي جلي
هاء وچڙي ويو اسان کان سنگ جو ڪامل ولي

---

(١) ڏاڻ ڏيڻ، ڀتڻ

( ٢٣ )

تو اڳيان خلاق ابراهيم آيو عذر خواه
بخش کر بديون انهي جون عفو کر عصيان اڻاه
مون کيا کوڙ ۽ ڪچاڻ ون ڏوه ڏاڍا ڏيون گناه
هول ۽ هيبت کان هاڻي ويو سڪي آهيم ساه

سا لٽي انسان تو جا ٻاڻ هـن ڪيڙي واءِ
هاء وڇڙي ويو اسان کان سنڌ جو ڪامل والي

★★★★★★

حضرت خليل سرهندي

# * قطعات تاريخ *

خوانِ رحمت ان جو مولد ۽ حبيب الله عمر

١٣٠٥ھ ٨٨

نام تاريخي سندس رحلت جو ٿيو عبدالغفور

١٣٩٣ھ

( ١ )

قطبِ ارشاد و غوثِ وقتِ خود
حاميء دينِ حقء امامِ هدي

( ٢ )

شاه آغا کہ شاهِ شاهاں بود
آه صد آه رفت از دنيا

( ۳ )

چه نویسم مناقب حضرت
وصف او لا تعد و لا تحصی

( ۴ )

هرچه بنویسم از محامد او
قطره می بر آید از دریا

( ۵ )

آنکه بر طور فضل همچو کلیم
می نمود همان ید بیضا

( ۶ )

کس به حد کمال او نرسید
رتبه اش بس بلند و بس بالا

( ۷ )

بود چون شمس در ضیا باری
بود چون ابر در سخا و عطا

( ۸ )

بود دریای بیکران فیضش
که رسیده به هر تە و بالا

( ۹ )

هاتف غیب با آه بگفت



قطب ارشاد رفت از دنیا

۱۳۷۵ + ۱۸ = ۱۳۹۳ھ

بسم الله الرحمان الرحيم

# پير ڪامل

از فقير حاجي علي بخش جمالي

( ١ )

محبت نشان پير ڪامل ـ عزيز جهان پير ڪامل
ثنا چا ڪيان پير ڪامل ـ ادب جي زبان پير ڪامل
فلڪ آشيان شاه آغا
امام زمان شاه آغا

( ٢ )

خدا جي تيس رهنمائي ـ مٿس هو ڪرم مصطفائي
نظر هئي سندس ڪيميائي ـ ڀرين پير جي پارسائي
جهان ۾ عيان شاه آغا
امام زمان شاه آغا

( ٣ )

هو عاشق نبي مصطفيٰ جو ـ هو سلطان حلم و حيا جو
هو وارث ولايت وفا جو ـ هو بندو سچو ڪبريا جو
دل عاشقان شاه آغا
امام زمان شاه آغا

( ٤ )

هيو ڪان صدق و صفا جي ـ نشاني عمر ڀي ربا جي
۾ خوشبوء صاحب حيا جي ـ ضيائي علي مرتضيٰ جي
مجدد ڪنان شاه آغا
امام زمان شاه آغا

( ٥ )

سخا ۽ فضيلت جو مالڪ - قناعت ڪرامت جو مالڪ
صداقت شرافت جو مالڪ - شريعت طريقت جو مالڪ
حقيقت ٻيان شاهه آغا
امام زمـــان شاه آغا

( ٦ )

خدا جو ولي مرد ڪامل - زماني جو عالم ۽ فـــاضل
رکي دين اسلام سان دل - ڏسي ويو مريدن کي منزل
شهه عارفان شاه آغا
امام زمـــان شاه آغا

( ٧ )

سون جـــي ڇا دلپذيري - ڪئي آهه تـو دستگيري
تو آڏو جهڪي ٿئي اميري - ملي تو وٽان جي فقيري
گهڻو خوش ٿيان شاه آغا
امام زمـــان شـــاه آغا

( ٨ )

دعائن گهرڻ جو سليقو - سکي ان جي در تان هلي ڪو
سندن نقشبندي طـريقو - مريـــدن جـــو وارث وسيلـــو
ڇڏي ويو پٺيان شاه آغا
امـــام زمـــان شاه آغا

( ٩ )

هي خواجه هي عظمت جو والي - مٺيا دار مخدوم عالـــي
سوين در سچن جي سوالـــي - طلب گار اڌني **جمالي**
تو پـــاڪر پنان شاه آغا
امـــام زمـــان شاه آغا

# قطعات تاریخ

## از جناب ڈاکٹر غلام مصطفی خان دام مجدہ

حضرتِ علامہ عبداللہ جان
شاہ آغا علمِ دین را شاہ رفت
از مجدد الف ثانی آن خلف
فخرِ آلِ احمدِ ذی جاہ رفت
ورع و زہد و فقر را بود آفتاب
از سمائے علم و فضل آن ماہ رفت
ہشت دنیا را چہ از بہرِ بہشت
یوسف آزادی گرفت از چاہ رفت
فرِ فضل و فقر عبداللہ جان
ہادیِ دین شاہ آغا آہ رفت

۱۳۹۳ھ

★★
★★

## از جناب خيام سنڌ حافظ محمد احسن چنا

رات چنچر جي، تهجد جو سڳورو وقت هو
مه ربيع الاول ۾ تـــاريخ ٽين وقتِ اذان
غمزده محزون دل تي، عرض هاتف کي ڪيم
سال رحلت جا ٻئي ڪر عيسوي هجري بيان
عيسوي هـاتف چيو:- اف فرقتِ غم ۾ الم

۱۹۷۳ع

هجري آهي: زيبِ محفل داخلِ جنت مڪان

۱۳۹۳ هه

هڪ چيو هاتف تہ: هي هي شاه آغا جان سال

۱۳۹۳هه

ٻيو چوان: فياضِ خاص و عام هڪ ڪامل زمان

۱۹۷۳ع

## از جناب مولانا حافظ خير محمد صاحب اوحدي

عظـيـم پيرِ طريقت جنـــاب شـــاه آغـــا
بسوے جنتِ فـــردوس رفت نيک نهـــاد
سنِ وصال چنـــان کلکِ اوحدی بنـوشت
همائے اوج سعـــادت بـــدامِ مرگ فتـاد

۱۳۹۳هه

عبداللہ اثر

# فخرالاولیاء

آہ! وہ سرمایۂ حسنِ ازل
پیرِ کامل پیکرِ علم و عمل
نسخۂ دیں کے مقدس انتخاب
نورِ عرفاں کے منور ماہتاب
عاملِ شرعِ مبین و حق پرست
شاہ آغا واقفِ رمزِ الست
وارثِ عہدِ ولایت حق نما
دیدۂ فاروق فخر الاولیا
جن کی آنکھوں میں حقیقی نور تھا
معرفت سے جن کا دل معمور تھا
حضرتِ صدیق سے ہیں کامراں
آپکی روشنضمیری ہے عیاں
واسطہ ہے سیرتِ سلمان سے
اور نسبت صاحبِ قرآن سے
آپ ہی تھے ترجمانِ نقشبند
اور مجدد کی ادائے دلپسند
علم باطن کا کھلا مفہوم ہیں
رہبری میں ثانیِ معصوم ہیں

ناگہاں دستِ اجل نے لوٹ کر
عام کردی یہ فضاؤں میں خبر
شیخ ربانی کی شمعِ ضوفشاں
حیف! رخصت ہو گئی سوئے جناں
یک بیک گونجی صدائے الاماں
رنج و غم کی ہو گئیں لہریں عیاں
معرفت کی بزم کے تھے پاسباں
مل گئی ان کو حیاتِ جاوداں
دور نظروں سے ہوئے دل سے نہیں
آج ہیں وہ سب کے سینوں میں مکیں
فصلِ گل مرقد پہ برساتی ہے پھول
آسماں سے ہے فرشتوں کا نزول
بائے بسم اللہ سے ہو ذکرِ گل
وصل کا سن: نائبِ ختمِ رسل

۲+۱۳۹۱ = ۱۳۹۳ ھ

اڄ نه اوطاقن ۾ تا طالب تنوارين
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

هن ڪتاب جو نالو سائين اثر صاحب "سچن جو سفر" رکيو. ان جو راز ان وقت معلوم ٿيو، جڏهن هي ڪتاب پريس مان ڪڍائي بائينڊنگ لاءِ موڪلي ڏني، تاريخ ٢٦ ڊسمبر ١٩٧٦ع آچر ڏينهن لاڙڪاڻي کان نواب شاهه عزيزن ڏانهن گهمڻ روانا ٿيا.

جڏهن سکر اسٽيشن تي پهتا ته پليٽ فارم تي هڪ دوست نظر آين. گاڏيءَ مان لهي وڃي ان سان ملاقات ڪيائون. مختصر ڪچهريءَ بعد پاڻ ڪان موڪلائي گاڏي ۾ چڙهڻ لاءِ ويا. جيئن مٿي چڙهيا ته سندن پير ترڪي ويو، هٿنيءَ مان هٿ به ڇڏائجي ويو، پليٽ فارم تي ڪري پيا.

ماسٽر محمد صديق ڏاهراهو ۽ ٻيا دوست ويٺا هئا، جن يڪدم اچي کين اٿاريو، پنهنجي سنگت ۽ صحبت جو پورو پورو حق ادا ڪيو ۽ نهايت همدرديءَ سان ساٿ ڏنو، سکر ۾ ڪيترن ڊاڪٽرن سان مليا، ڪافي جدو جهد ڪيائون.

اثر صاحب شايد زوردار ڌڪ محسوس ڪيا جو نوابشاهه وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيائون، دوستن جو

شڪريہ ادا ڪندي ڪين ڇيائون تہ ڪا ٽيڪسي ڪرائي اچو تہ لاڙڪاڻي، وڃي تنہن جو علاج ڪرايون، ٽيڪسيءَ ۾ لاڙڪاڻي ڏانهن راهي ٿيا.

جڏهن لاڙڪاڻي جي ويجهو پهتا تہ سعدن سواريءَ ڪان شايد رستو بدلهي ويو، سچل جو سفر لاڙڪاڻي ڪان نواب شاهہ جي بجاءِ دارالفنا ڪان دارالبقا ڏانهن ثابت ٿيو. انا لله و انا اليہ راجعون.

شال الله پاڪ استاد مرحوم کي جوار رحمت عطا فرمائي ۽ سعدن فرزندن ارجمندن عبدالعزيز ۽ ناظم چانڊيہ کي صبر جميل ۽ محترم والد صاحب جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق ڏئي. (آمين)

هائي ٿي ويو اڄ اسان کان ڌار آ سائين اثر
جنهن جي فرقت ۾ اديب آهن ۽ شاعر اشڪبار
هائي قسمت جو ڪري شاگرد ويو ڇوڙي ڇما
ويو، وري ايندو ڪٿي، علم و ادب جو شهريار

سائين اثر صاحب جو ادنيٰ شاگرد

غمزده لقمان حڪيم

## قطعہ تاريخ

نازش افڪار صد رشڪ قمر
آخري تخليق، سچل جو سفر
مصرع تاريخ بن ڪر ڇپا گيا
"رمز" نور مغفرت تم پر اثر

"رمز" ١٩٧٦ع